# لالچ بري بلا

هِڪ جهنگل ۾ هِڪ ٻڍو شينهن رهندو هو. هُو اِيترو تہ ڪمزور ٿي ويو هو جو پنهنجي کاڌي خوراڪ لاءِ شڪار بہ ڪونہ ڪري سگهندو هو.

هِڪ ڏينهن رستي تي گهُمندي هُنَ ٻڍي شينهن کي هِڪ سون جو ڪنگڻ مليو. سون جو ڪنگڻ ڪٽي ٻڍو شينهن ڪُجهہ ويچار ڪرڻ لڳو. ويچار ڪندي هُن جي من ۾ هِڪ ترڪيب سُجهي آئي. ٻڍو شينهن نديءَ جي ڪناري اچي وينو ۽ ايندڙ ويندڙ راهگيرن کي ڏسي اُنهن کي زور زور سان چوندو هو مان تہ هاڻي بيحد ٻڍو ٿي ويو آهيان اج نہ سُڀاڻي اِجهو مُنهنجو موت آهيو. جيون ڀر هِنَ پاپي پيٽ لاءِ مان ڪيترن جيون جي هتيا ڪري چُڪو آهيان هينئر مرڻ وقت مُنهنجي من ۾ تياڳ ۽ ويراڳ جي ڀاونا جاڳي آهي، مون وٽ سون جو ڪنگڻ آهي، مان اِهو دان ۾ ڏيئي ڪُجهہ پُنِ ڪمائڻ چاهيان ٿو. ڪوئي سجڻُ مون کان ڪنگڻ دان ۾ وٺي مون کي ڪرتارٿ ڪري. راهگير بہ سياڻا هُئا ، اُهي چوندا هُيس تون تہ خونخار جانور آهين. تون تي ڪهڙو ڀروسو؟ اسان تُنهنجي ويجهو اچون ۽ اسان کي ماري کائي وجين. تو تي وشواس ڪرڻ مطلب پنهنجي جان جي بازي لڳائڻ. ٻڍو شينهن چوندو هو، اِهو هينئر مُمڪِن ڪونهي مان بيحد ٻڍو ٿي چُڪو آهيان مرندي مرندي مان پنهنجي پاپن جو پڇتاءُ ڪرڻ ٿو چاهيان. اِن ڪري جيوُ هتيا جو ويچار تہ مان خواب خيال ۾ نہ ٿو آڻي سگهان اِهڙي قسم جون ڳالهيون ڪري شينهن راهگيرن کي پنهنجن مِنيُن ڳالهين سان لالچائڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

هِڪَ لالچي راهگيرتي ٻڍي شينهن جي منٺِين ڳالهين جو خوب اثر ٿيو هُن شينهن کان پُڇيو، "مُونکياهو ڪنگڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڇا ڪرڻو پوندو؟" ٻڍي شينهن نِهٺائي سان جواب ڏنو،"ڪُجهہ خاص نہ تون بس نديءَ ۾ سِنان ڪري پاڻي جو ٻُڪ ڀري اچ ۽ مُونکي دُعا ڪري ٻُڪ ڀريل پاڻي جو ڇنڊو مُنهنجي سرير تي هڻُ جيئن مان پنهنجن ڪيل پاپن کان آجو ٿيان بس جنهن ٻُڪ پاڻي سان تون مُونکي ڇنڊو هڻنديں اُن ٻُڪ ۾ مان هي ڪنگڻ رکي پاڻ کي ڪرتارٿ محسوس ڪندُس." لالچي راهگير ٻُڍي شينهن جي منين ڳالهين ۾ ڦاسي بنا اڳ پٺ سوچي نديءَ ۾ سِنان ڪرڻ ويو. نديءَ ۾ سِنان ڪندي هو گپ ۾ ڦاسي پيو جيترو ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين اوترو اندر ڦاسندو ويو ۽ ڦٿڪي ڦٿڪي پنهنجو ساهہ ڏنائين. اِئين ٻُڍي شينهن کي ٻِنا ڪنهن محنت جي شڪار ملي ويندو هو.

هر روز ڪو نہ ڪو راهگيرگِن نموني شينهن جي حرفتي ڳالهين ۾ اچي پنهنجي لالچ وس جان وڃائيندو هو ۽ شينهن جو کاڌو ٻڻجندو هو.

<u>نصيحت</u>: لالچ ٻُري ٻلا آهي.


12B/2 Jethi K. Sipahimalani Soc., Mahim, Mumbai 400016, India 0091 22 24464941/ 9821473200
www.sindhisangat.com, www.sindhisaathi.org, www.sindhisangat.tv, info@sindhisangat.com